# ۴. گُلزار ڪريون

پڙهو. ڳايو.



اَچو تہ جَڳُہ گلزار ڪريون،
پريتِ پريو وهنوار ڪريون.

مالڪ جي سنتان اَسين سڀ،
سڀ سان پيار ئي پيار ڪريون،.

سرڳہ بڻايون پونءِ جهان جي،
ماتا جو سينگار ڪريون.

پاڻ وَٽون جئن ساري جَڳَ کي،
راهہ اُها اِختيار ڪريون.

مانوتا جي مَڌر مُشڪ سان،
روح سدا ٺمٺار ڪريون.

**نوان لفظ:**

گلزار = باغ　　سنتان = اؤلاد

اِختيار ڪرڻ = اَپنائڻ　　مانوتا = اِنسانيت.

پونءِ = ڌرتي،

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) اسين جڳہ سان ڪهڙو وهنوار ڪريون؟
۲) اسين سڀ ڪنهنجي سنتان آهيون؟
۳) جَهان کي ڇا بڻايون؟
۴) روح کي ڇا سان ٺمٺار ڪريون؟

**سوال ۲: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) مالڪ جي ---------------------------------------- پيار ڪريون.
۲) پاڻ وٽون ---------------------------------------- اِختيار ڪريون.
۳) مانوتا جي ---------------------------------------- ڪريون.

**سوال ۳: هيٺ ڏنل لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

پريت، سنتان، سرڳہ، سينگار، مُشڪ، روح

**هدايت:** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت اَثرائتي نموني پڙهي ٻُڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي:** ماستر شاگردن کي چوندو ته ’’اَسان کي ماتر ڀومي ۽ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي.‘‘ وشيه تي گهران اَن جملا لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) هيٺ ڏنل بيت جي سٽن کي نثري روپ ۾ لکو:-**

۱) پاڻ وَٽون جئن ساري جڳہ کي
۲) مالڪ جي سنتان اَسين سڀ
۳) سرڳہ بڻايون ڀون ۽
۴) راهہ اُها اِختيار ڪريون.

**(۲) هيٺ ڏنل ٽڪر ۾ مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:-**

**جڳہ، مُشڪ، مٽي، گلزار، ماتا، پريت**

اَڄ سيتا ڏاڍي خوش هئي.
هڪ ------.. جي مندر ۾ هوءَ
هڪ ------ گيت ڳائڻ واري هئي.
جلدي جلدي تيار ٿي، پنهنجي
گهر جي ----- مان گلاب جو گُل پٽي،
منهن تي ------ آٽي،
اُن ------ جي رکوالي کي
ياد ڪري، هوءَ مندر ڏانهن رواني ٿي.

**(۳) بيت مان حاصل ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنجن گڻن بابت لکو:-**

**(۴) هيٺ ڏنل لفظن مان هم آوازي لفظ، ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ۽ هڪ ٻئي جا، اُبتڙ لفظ - اَهڙا جوڙا چونڊي لکو:-**

سرڳہ، جهان، جڳہ، اِختيار،
مشڪ، راهہ، پيار،
نفرت، مِنو، تمنار،
گلزار، مانوتا، نرڳہ،
واهہ، ڪٿو، روح، خالي، وهنوار،

# پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

١. هيٺين لفظن جا لاڳاپو رکندڙ لفظ لکو.

مثال:-

وڻ: ٽاري، گل، پن، ميوا، پاڙ، ٿڙ

عمارت

ڪمل جو گل

مائٽ

٢. ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو:-

٣. ماستر شاگردن کي مومل راڻو ۽ ليلا چنيسر سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندو. ۽ شاگردن کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.



**۲. مثال ڏسي خاڪو پُورو ڪريو.**

**مثال:- ٻن ڦيٿن واري گاڏي - ٻہ ڦيٿي گاڏي.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| جتي چار رستا ملندا آهن. | | ماما جو پٽ | |
| جتي ٽي رستا ملندا آهن | | پيٽ جي ڏيءَ | |
| ڏهن سالن جو مُدو | | جيڪو ماڻهوُ ڪابہ هٿ سان ڪم ڪري | |
| سؤ سالن جو مُدو | | جنهن شيءِ جي ڌار تيز نہ هُجي | |
| ست ڏينهن | | ماڻهن وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ. | |
| گهڻو ڳالهائيندڙ ماڻهوُ | | جنهن شيءِ جي آر پار ڏسي سگهجي. | |

(۳) ’ڏاڙهي‘ لفظ مان اَکر چونڊي نوان لفظ ٺاهي هيٺ ڏنل جملن ۾ ڪم آڻي خال ڀريو.

۱) تمام گهڻو ڪم ڪري منهنجو ----- ٿو ڪڙڪي.

۲) چِڙ اَياڻپ، ----- ٿيءُ.

۳) ڌوٻيءَ ڪپڙن جي ------ هيٺ رکي.

۴) رام چيو ------ منهنجا ڪتاب آهن.

۵) ڪتي جي ----- ٻڌي ٻار ڀڄي ويو.

## پرولِيون سليو

(۱) پاڻيءَ ٻِنُ مان ڪجهہ پي ناهيان،
تہ بہ پاڻيءَ تي ترندي آهيان.





(۲) جهونو ٿيندو وڃي مَڪانُ،
اندر ويٺل سدا جوانُ،



(۳) وَڳَ تي آهي، پنڇي ناهي؛
ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي،
پاڻي چلڪي، برتن ناهي؛
چمڙ مرڻ تي گهربل آهي.



(۴) ڀينر ٻيئي پياريون پياريون؛
ساري جڳ کي جاچڻ واريون،
هڪ ٻئي جي پرسان ئي گهارِن؛
مگر تڏهن بہ ڌار گذارن.

جواب: (۱) برف (۲) فوٽو (۳) ناريل (۴) اَکيون